
6.11.51.
Picasso

# جاڳ منهنجي زندگي

## ڊسمبر ١٩٧٧ع


من اندر جا لوچ.... ٢

### مضمون

١٩٥٣ع کان ١٩٥٦ تائين آئين.... — نذير عباسي — ٥
وچ اوڀر ۾ سامراج جا مفاد.... — امداد چانڊيو — ٨
سنڌ ۾ طبقاتي جدوجهد.... — عبدالسلام خواجه — ١١
اندرا گانڌيءَ ڇو هارايو... — هلال پاشا — ١٩

### ڪهاڻيون

اوپنا جو موت — ساغر سميجو — ٢٨
ڦيرو — ولي ملاح — ٣٧
پيچ ڪم وريام جو — قاضي خادم — ٤٣
نقشو — هدايت منگي — ٥٢
نوڪن — مير محمد پيرزادو — ٥٣

### شاعري

چام ساقي، انور پيرزادو، تاج بلوچ، استاد بخاري، خادم سنڌي،
نور گهلو، عزيز مهرائوي، شرجيل، نرنجن، قاسم ٻگهيو، واهي چنا،
مير محمد پيرزادو، ماڻيڪو اوٺو، ذوالفقار سيال، منصور ميراڻي.



سهيڙيندڙ:
امداد چانڊيو

پاڻهن پيلي:
نرنجن
ساغر سميجو

قيمت ٢-٥٠

هي ڪتاب ساغر سميجي، سهڻي پرنٽرس مان ڇپائي، ٦٦ اقبال هاسٽل، سنڌ يونيورسٽيءَ مان پڌرو ڪيو.



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# مَن اندر جا لوچ....

”جاڳرتا“ جهڙيون ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. اسان وٽ خاص ڪري سنڌيءَ ۾ رسالو وغيره ڪڍڻ ته سولو ٿي هجي پر ان کي جاري رکڻ ڏکيو آهي. ڪارڻ ان جو، مالي مشڪلاتون به جنهن ته وري ڪي خاص سرڪاري لکيرون ۽ دائرا پڻ، جن مان ٻيو ٻاهر رکڻ ٿي ”پريس جي آزاديءَ“ جو غلط استعمال ٿيو وڃي. چوطرف کان مدي خارج ۽ ذهني ڪوڙهه ۾ مبتلا ذهن جا مالڪ رجعت پسند واويلا شروع ڪري ڏين ٿا ”مذهب اسلام ۽ پاڪستان خطري ۾ پئجي ويو، ملحدي جو بند ٿئي پيو“. ترقي پسند سنڌي ادب خلاف اهڙيون سازشون، گذريل هر سرڪار جي دور ۾ ٿينديون رهيون. پئي سرڪار جي دور ۾ ته سنڌيءَ جا 72 ڪتاب ۽ رسالا ”ملڪ دشمني“ جي الزام هيٺ بند ڪيا ويا، ايڊيٽرن ۽ پريسن کي عتاب سهڻو پيو.

هينئر وري اهڙي ئي هڪ مهم ڪجهه رجعت پسند رسالن ۽ اخبارن ۾ شروع ٿي چڪي آهي. ڏسجي ته ان جي پڄاڻي ڪهڙي هنڌ ٿي ٿئي.

اڄڪلهه مارڪيٽ ۾ جيڪي سنڌي ڪتاب يا رسالا موجود آهن، تن جو تعداد گهڻو نه ٿو چئي سگهجي تڏهن به وڌڻ وارا اهي سلجهيل ۽ وچولي طبقي جا ماڻهو آهن ۽ جن جي قوت خريد روز بروز گهٽجندي ڏانهن وڌندي پئي وڃي.

نذير عباسي

مختصر جائزو

# ١٩٥٣ع کان ١٩٥٦ع تائين آئين ڪيئن ڏهيا ۽ ٺهيا؟

اسان جو ملڪ ڏکي عرصي تائين بنا آئين جي رهيو آهي. ان جو سبب اهو نه آهي ته ڪو سياسي اڪوائٽن ڪي آئين ٺاهڻ نٿي آيو. ڪوبه بي. اي جو شاگرد هڪ ڪلاڪ ۾ تي آئين آساني سان ٺاهي ٿو سگهي .... پر ان لاءِ ڪافي ڪارڻ آهن خاص طرح اهي واقعا جيڪي ٥٣ کان وٺي ٥٥ تائين پيش آيا. اچو ته انهن جو جائزو وٺون ته اهي ڪهڙا واقعا هئا ۽ ڇو پيش آيا.

١٩٥٣ع ۾ جڏهن ملڪ جو وزيراعظم ناظم الدين (بنگالي) هو ۽ ملڪ جو گورنر جنرل غلام محمد هو، تڏهن ناظم الدين صاحب نوڪر شاهي جي نمائندي غلام محمد جي قبضي ۽ ڪنٽرول کان ٻاهر نڪري بنگال جي باري ۾ ڪجهه ڳالهيون ڪرڻ ۽ چوڻ شروع ڪيون ۽ آئين ٺاهڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو. پر غلام محمد جنهن جي مرضي هئي ته سڄي ملڪ تي مڪمل قبضو ڪجي، تنهن ناظم الدين کي ڪيڻ لاءِ هڪ سازش سٽي. هن ان وقت جي پنجاب جي وزير اعليٰ ميان ممتاز دولتانه سان گڏجي هي رٿ رٿي ته پنجاب کان قاديانين خلاف وڏو گوڙ شروع ڪيو وڃي ۽ مطالبو ڪيو وڃي ته ناظم الدين جي وزارت

# وچ اوڀر ۾ سامراج جا مفاد ۽ ترقي ڪندڙ ملڪن تي ان جا اثر

۱۹۷۳ع واري عرب اسرائيل جنگ جي اهميت رڳو انڪري ڪانهي جو عربن ان ۾ همت ۽ حوصلي کان ڪم وٺي ڪجهه علائقا آزاد ڪرائي ورتا پر انجي اصل اهميت ان ڪري ٿي جو ان ۾ عربن تيل کي هڪ هٿيار طور ڪتب آندو. عربن اعلان ڪيو ته جيڪو به اسرائيل کي ڪنهن به قسم جي مدد ڪندو ان کي اسان تيل نه ڏينداسون. ان اعلان نه رڳو آمريڪا ۽ اولهه يورپ جي اسرائيل جي حامي ملڪن جا ننڊ ڦٽا ڪري ڇڏيا پر ان سڄي دنيا جي سياست ۾ هڪ نئون رجحان پيدا ڪيو. ڪچو مال پيدا ڪندڙ ملڪن کي هونئن هميشه ترقي يافته ملڪ پيا دٻائيندا هئا. ڪڏهن تيار مال جون قيمتون وڌائي ته ڪڏهن ڪچي مال جون قيمتون ڪيرائي، ته ڪڏهن وري قرضن جا وياج وڌائي. سو هاڻ انهن ترقي پذير ملڪن به محسوس ڪيو ته اسين هڏي ڪري ڪچي مال تي ڪنٽرول ڪريون ته جيڪر سامراجي ملڪن کي سٺو جواب ڏيئي ٿا سگهون. سو ڏٺا ڏٺ ڪچو مال پيدا ڪندڙ ملڪن جون جماعتون ٺهڻ لڳيون مثلاً ڪچو لوهه پيدا ڪندڙ ملڪن جي انجمن، چانهه پيدا ڪندڙ ملڪن جي انجمن، ٽامو پيدا ڪندڙ ملڪن جي انجمن وغيره.

جي مَکِ پارت ۾ انساني پيشاب کي آبحيات سمجهندڙ آمريڪا نواز حڪومت آڻڻ لاءِ ڪوشش شروع ٿي ويئي. پهريون پيرو اها ڪوشش ڪامياب نه ٿي ته وري اهو منصوبو رٿيو ويو ته پهرين پارت جي پاڙيسري ملڪن ۾ وڌيڪ آمريڪا نواز حڪومتون آڻجن پوءِ وري نهي جڙي مائي اندرا سان منهن ڏجي سو ان ڪان پوءِ آمريڪي عالمي منصوبه بندي ان ڏس ۾ ڪم ڪرڻ لڳي. اهو ئي سبب آهي جو اسان واري علائقي ۾ آيل تورڙي ايندڙ ڦيرين گهيرين کي عرب سڳورا تمام گهڻي تشويش جي نگاهن سان ڏسي رهيا آهن.

---

## مائيٽو اوڏو

ڀلا زردار جا زنجير ۽ زندان ڪيسين ڙي
اڏين ٿي پيا ائين ڪسندا الا انسان ڪيسين ڙي؟

خوشيون ۽ خواهشون ماري ڇڏي گهڻ گهوٽ نڪري پيا
انهن ازلي عشاقن سان ڳڻ ارمان ڪيسين ڙي؟

اگهاڙا جسم، ڏٻرا ڏيل، ڇهرا زرد مارن جا
سڪائي ڪو ته سانگين جا ويڙها ويران ڪيسين ڙي؟

هڏن هيٺن ستان نفرت سندو هت زهر هاريو ويو
هنئين جا هار هر ويلي هتي حيران ڪيسين ڙي؟

اڃان هن ملڪ ۾ پورهيو ڪندڙ پيهنار سڏجي پيو
روڻ راڙي تي گهوڙاڙي ڪجي گذران ڪيسين ڙي؟

"مانيٽا" ڏرين ڏيهاڙي ڏتا ۽ ڏنپ ڏوتين ڪي
انهن ظالم ذليلن جا شاهاڻا شان ڪيسين ڙي؟

عبدالسلام خواجہ | تاريخي مضمون
---|---

# سنڌ ۾ طبقاتي جدوجهد

# ڪلهوڙن جي دور ۾

سنڌ سونهاري، مهراڻ جي پاڪ ۽ شفاف پاڻي ۽ ڌرتيءَ تي پيدا ڪيل اَنَّ تي هارين - نارين، ڪمين، ڪاسبين، وڏيرن، سيٺين، اميرن، فقيرن، آفيسرن ۽ مائٽن کي پالي ۽ تاتي رهي آهي. ٿلهي ليکي اُنهن سڀني گروهن کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ استحصالي طبقو ٻيو استحصال ٿيندڙ طبقو. استحالي طبقي سان تعلق رکندڙ، پنهنجي رت، ست، جسماني ولوڙ ۽ پسيني جي پورهئي سان جيڪي ڪجهه پوکين يا تيار ڪن ٿا استحصال ڪندڙ طبقو انهيءَ پيداوار تي پنهنجي هڪ هٽي قائم رکيو اچي. مولانا غلام محمد گرامي صاحب اُنهي زيادتين کي محسوس ڪندي پنهنجو اظهار قلم جي نوڪ جي ذريعي هن ريت ڪيو: ”انگ اگهاڙو ۽ پيٽ بکيو هاري، ڪڏهين جهولن ۽ طوفانن ۾ ته ڪڏهين سردين ۽ پارن ۾، ڪڏهين روح فرسا گرمين ۽ اُس ۾ لنديون لتاڙي، اناج ۽ پيداوار جا انبار لڳائي ٿو ڇڏي، تنهن کي پيٽ بکئيءَ ۽ انگ اگهاڙي لاءِ نه ورهءُ ٿي پوري ملي ۽ نڪو انگ جي اگهڙي ٿي نصيب ٿئي جنهن سان پاڻ ۽ پنهنجن ٻچن جا انگ ڍڪي سگهي! اهو هاري قدرت طرفان مايل ارتقا ۽ نشونما جي سڀني ذريعن ۽ وسيلن

طلب ۽ تنوار هئي. هو ڏاڍ ۽ جبر جي خلاف حق جي علامت هو. ظاهري علم شاه غلام محمد کان حاصل ڪيائين. ظاهري توڙي روحاني علمن ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ٺٽي پهتو. آتان لڏي اچي ميرانپور ۾ سڪونت پذير ٿيو. ميرانپور ميرپور بٺوري ۾ غازيان جي ڪناري "جهوڪ" جي نالي سان مشهور آهي. جهوڪ جي ڌرتيءَ جا ڀاڳ سمجهڻ يا سنڌ جي هارين جا نصيب جاڳي اٿيا هئا يا اپوجهه مسڪين عقيدتمندن جو سڏ اگهايو هو. هتي پهچندي ئي هن وٽ عقيدتمند وڏي تعداد ۾ گڏ ٿي ويا. بلڙي جا سيد شاه عنايت شاه جي مقبوليت کي ڏسي سخت ناراض ٿي پيا.

شاه عنايت خانقاه جي اردگرد جي زمين هڪ ڪميون سسٽم جيان آباد ڪرائڻ شروع ڪئي. هن ٺئين نظام هيٺ صوفي صاحب آبادي جو وڏو حصو انهن محنت ڪشن کي ڏيندو هو، جيڪي وتس هاري هئا ۽ هر هڪ جي حصي مان معمولي حصو پاڻ وٽ رکندو هو. جيڪو اناج پڻ خانقاه جي لنگر تي استعمال ٿيندو هو. سچ پچ ته جيڪو حصو پاڻ وٽ رکندو هو، اهو پڻ عملي طرح انهن محنت ڪش ماڻهن جي ئي ڪتب ايندو هو. شاه عنايت جي انهيءَ هلت ٺئين جوت جلائي جنهن آس پاس جي هارين ۾ هڪ انقلابي لهر پيدا ڪري ڇڏي ۽ تر جا زميندار شاه عنايت جا دشمن بنجي پيا.

تر جي هارين ۾ پيدا ٿيل ٺئين جاڳرتا ۽ شاه عنايت جي عقيدتمندن جي واڌ سبب مقامي زميندار ۽ بلڙي جا سادات هن حق پرست صوفي جا مخالف بنيا ۽ هو شاه عنايت کي نقصان رسائڻ لاءِ يڪمشت ٿي ويا. تاريخ گواه آهي ته جڏهين به مظلوم طبقي ۾ سجاڳي جي لهر پيدا ٿيندي آهي ته استحصال ڪندڙ پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪندا آهن، جتن ڪندا آهن ته جيئن ايندڙ وهڪري کي روڪي سگهجي ۽ انهيءَ روشنيءَ ڏيئي واري

وقت جي عملدارن کي پنهنجي طاقتور هٿيار طور استعمال ڪندو آهي. هاڻي اعظم خان درگاه جي زمينن جي ڏيل جي ادائيگي جي گهر ڪرڻ لڳو جيڪا حقيقت ۾ شهنشاهه معاف ڪري ڇڏي هئي.

اعظم خان مرڪز ۾ لکي موڪليو ته صوفي عنايت شاهه ۽ سندس فقير حڪومت جا دعويدار بڻجي رهيا آهن. مرڪز مان حڪم پهتو ته سندن فتني جو خاتمو ڪيو وڃي. آخرڪار ميان يار محمد خان عباسي ۽ ٻين رئيسن جي مدد ۽ پنهنجي لشڪر سميت اعظم خان جهوڪ شريف تي ڪاهه ڪئي. جنگ لڳي، شاهه عنايت ۽ سندس ساٿين فيصلو ڪيو ته ڪنڌ ڪپائبو پر جهڪائبو نه. فقيرن ۽ هارين دليري سان مقابلو ڪيو. نواب کي ڪاميابي جي ڪابه صورت نظر نه آئي نيٺ هُن صلح جو ڍونگ رچايو. ٩- صفر ١١٣٠ هه (١- جنوري ١٧١٨) تي صوفي صاحب کي صلح جي پيشڪش ڪئي ويئي.

حملي آور لشڪر جي سپهه سالارن قرآن وچ ۾ رکي صلح ڪرايو (انهن سپهه سالارن ۾ ميان يار محمد جو پٽ محمد خان ۽ مير شهداد بلوچ پڻ شامل هئا) درويشن جي مال ۽ جان جي سام ڏني ويئي. صوفي صاحب جڏهين ڳالهين لاءِ نواب اعظم خان وٽ پهتو ته خبر پيئي ته صلح سراسر فريب هو. شاهه عنايت هڪ باڪمال انسان هو، سو موت کان اصل نه گهٻرايو اڳتي وڌيو ۽ جام شهادت نوش ڪيائين. وقتي قربانين هميشه ڪردارن کي سدا حيات بنائي ڇڏيو آهي.

تاريخ شاهد آهي ته شاهه عنايت شهيد هڪ غير طبقاتي معاشري جي تڪميل لاءِ عملي جدوجهد ڪئي. سنڌ جي هارين ۾ نئين جوت جلائي، جاڳرتا ۽ سجاڳي پيدا ڪئي هڪ نئين معاشي نظام جي لاءِ جدوجهد ڪئي.

## ڪتاب - جن جي مدد ورتي وئي

١. سه ماهي مهراڻ مولانا غلام محمد گرامي نمبر
٢. ٿيئن زندگي شاه عنايت شهيد نمبر ١٩٥٧ع
٣. سياست جا اصول - عبدالقيوم صائب
٤. تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور - مترجم يار محمد ابن حيات ۽ شمشير الحيدري
٥. تحفته الڪرام - مير علي شير قانع
٦. ڪميونسٽ مينيفسٽو - اينجلس ۽ ڪارل مارڪس
٧. مسلمانن ڪي سياسي افڪار - رشيد احمد

---

منصور ميراڻي

## پورهيت جي پٽ جو نظم

منهنجو آهي هاري پيءُ
گرمي توڙي سيءُ
ڪاهي هر
ڪڪائون گهر
ليڙا ليڙا ويس
١١٠ جو ڪيس
آبؤ سدا جيل ۾
اسان پوهان وهل ۾.

# اندرا گانڌي ڇو هارايو؟

## برصغير "تبديلين" جي زد ۾

سال ۱۹۷۷ع، ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ ۱۹۴۷ع کان پوءِ شايد سڀ کان وڌيڪ مکيہ سال ڳڻيو ويندو. ننڍي کنڊ هند - پاڪ ۾ جيڪي سياسي تبديليون آيون آهن، تن جا دورس اثر ايراني نار ۽ وچ اوڀر جي سياست تي پوندا ڇو تہ انهن تبديلين جو سڌو سنئون لاڳاپو وچ اوڀر جي هاڻوڪين حالتن سان آهي. آمريڪا لاءِ ان ٽڪري ۾ تبديليون، انهن علائقن جي عوام ۾ سياسي ۽ اقتصادي آزاديءَ لاءِ وڌندڙ سرت کي، اڃا اڳتي وڌڻ کان روڪڻ وارين عالمي ڪوشش جو حصو آهن. وچ اوڀر ۾ اولهہ وارن ملڪن جا معاشي مفاد ۽ وچ اوڀر جي وڌندڙ فوجي اهميت، هندوستان پاڪستان ۾ سياسي تبديلين کي سامراجين لاءِ ضروري بنائي ڇڏيو هو.

۱۹۷۳ع جي عرب - اسرائيل جنگ جيتوڻيڪ محدود مقصدن کي نظر ۾ رکي، لڙي وئي پر ميزائيل کان وڌيڪ تيل کي جنگي هٿيار جي حيثيت سان استعمال سامراج لاءِ خطري جو گھنڊ وڄائي ڇڏيو. حقيقت ۾ اولهہ وارا ملڪ پنهنجي طاقت لاءِ غريب ملڪن کان حاصل ڪيل ڪچي مال تي دارو مدار رکندا آهن پر اهو ئي ڪچو مال خود مغربي ملڪن خلاف ڪتب

اختيار ڪري وٺندي ۽ جنهن ۾ هن علائقي جي سڀني ملڪن کي شريڪ ٿيڻو پوندو. آمريڪا ضرورت پوڻ تي پنهنجي فوج کي به استعمال ڪري سگهي ٿو. انهن سڀني خطرن کي نظر ۾ رکندي پڻي جون ١٩٧٧ع ۾ وچ اوڀر جي ملڪن جي وچ ۾ هڪ دفاعي ناهه جو منصوبو پيش ڪيو هو.

پاڪستان جيڪو وچ اوڀر ۾ اهم دفاعي حيثيت رکي ٿو، سرڪار جي تبديلي کان پوءِ ڪهڙو ڪردار ادا ڪندو، اهو اڃا ڏسڻو آهي. عربن کي پڪو. سرڪار تي اعتماد هو ته خراب حالتن جي صورت ۾ پاڪستان عربن جي عملي مدد ڪندو ۽ سندن جاگرافيائي پٺ، ۽ تيل جي آبي گذرگاهه تي عربن جي مفادن جي نگراني ڪندو. بهرحال هيءَ ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته آئينده عرب - اسرائيل جنگ جا اثر پاڪستان تي به پوندا ۽ صرف عربن جو ساٿ ۽ سندن مدد ڪري ئي پاڪستان پنهنجي علائقائي خودمختياري جو بچاءُ ڪري سگهندو.

---

تون مهائين مورڙو، تون شڪاري شير
تون ماريندين مڇ کي، تون وٺندين وير
توريءَ وڙهندو ڪير، ڪلاچيءَ جي ڪن سان.

"خليفو نبي بخش قاسم"

ساغر سميجو | ڪهاڻي

# ارپنا جو موت

لاريءَ جي لوڏن سان ماڻهن جي هڪ ٻئي تي ڪِرڪِران.

”اڙي ادا! هي ڏونٺ ته پري ڪر ڪُڪ ٿو ڪڍين.“

او سائين! سڌو ٿي ويهه يار.“

”يار تون هاڻ مرڳو ٿي ٿو ماريئين.“

”نه ياءُ ڪو خيال نه ڪر، بس وقت جي گهڙي آهي ڏکيو سکيو منزل تي پهچي وينداسين، لاريءَ ۾ گهٽي جاءِ آهي پر دل ۾ هوءِ ته.“

”ها، ادا ائين ته آهي، معامرو مڙئي دل جو آهي، دل ته ايتري ڪشادي آهي جو هيءَ سڄي مخلوق ان ۾ سانڍي سگهجي ٿي ۽ سانڍڻ به کپي.“

”هائو ياءُ هائو، پر هيءَ ڏر جي لاري ته اهڙي مخلوقات جي ساٿڻ آهي جو دل کي گرم واريءَ جي لڪن ۾ ڇڇريو ڀُوريو ڇڏي. ڏاڍي اڪنڊ هوندي هُم ڳوٺ ڏسڻ ۽ ماروئي جي ماڪ جي پيچ پنيءَ جو واس وٺڻ جي، پر جڏهن هن لاريءَ پنجرو ڏٺو ڪين آڏو ڦري ٿو ته هي سڀ ڏيک ۽ سايون سايون پٽون ۽ هي ٽڏڙيون ٽڏڙيون هوائون ڊيزل جي دونهين ۾ ٻڏيون وڃن. دل ڪاڪڙي، وٺ اڇيو اتڪيو پئي!“

ماڻهن جوڻ ساڳوٽيون داڻهون.

هڪ ٻئي کي ڏڪ ڏڪان، ڌيلهه ڌيلهان.

حڪم ڏنو.

”ترس وڏيرا بثائي ڪيئن ڪنديں؟“ نورل ايئن چئي اڳيان وڌي آيو.

”بابا جيئن ٿيندي آهي، ڏهه آنا زميندار ۽ ڇهه آنا هاري.“ وڏيري منهن ۾ گهنڊ وجهندي چيو. ”وڏيرا بثائي اڌو اڌ ٿيندي.“ نورل بي ڌڙڪيءَ سان چيو.

”پر انهن ڇهن آنن مان ڪمداوي خرچ ۽ گهوڙي جو داڻو وغيره لاهيندو آهيان،“ وڏيري باهه ٿيندي چيو.

”پر اسين نه ڏينداسون ڪمداوي خرچ ۽ داڻو وغيره؟ نورل چيو. ”تنهنجو دماغ خراب آهي، آءٌ هڪ لت سان سڌو ڪري ڇڏيندو سانءِ.“ وڏيري آخري وار ڪيو.

”مون هڪ جو دماغ خراب ڪونهي، پر هيئنر هنن سڀني هارين جو دماغ خراب آهي. تون ڪهڙي ڪهڙي کي لتون هڻي سڌو ڪنديں.“ نورل چيو.

وڏيري اکيون ڦاڙهيون ڪري سڀني هارين ڏانهن نهاريو جن جي هٿن ۾ ڏانگا ۽ ٽيانگون هيون.

نورل جي اشاري تي سڀني گڏجي نعرا هڻڻ شروع ڪيا

هاري حق کسي وٺندا........

هاري حق کسي وٺندا........

هاري .... حق .... کسي ... وٺندا ....!

اهو ٿي ڏينهن ڦڙو سڀ ۾ پوي نه موتي، ۽ نانگ جي وات ۾ پوي نه زهر — (يوناڻي چوڻي)

”وڏيرو مرده باد.“ آموڻ جي وڏ به هن جي آواز سان شامل ٿي وئي.

”وڏيرا شاهي مرده باد.“ سڄي هجوم جو آواز هن سان هم آواز ٿي ويو ۽ هجوم جو رخ مڙي وڏيري ڏانهن ٿي ويو جيڪو بد حواس ٿيو جيپ ۾ ويٺو هو. هن جي ٽنگ ٽنگ تي رکيل هئي ۽ هڪ پير مان سليپر لڙڪيل هوس جنهن جي آڱرين جي وچمان هو مرڪندي رهيو هو. هجوم کي جيپ ڏانهن مڙندو ڏسي اول ته هن ڊرائيور کي گاڏي موڙڻ لاءِ چيو پر ايڏو ته بدحواس ٿي چڪو هو جو جيپ مان وٺي ڀڄو ڏنائين. هئي پير ۾ سليپر وڃڻ وسري ويس ۽ وٺي پوئتي ڊوڙ ڏنائين —

وا ٿهڙو! اوائڻ هلڻ سان ٿهندي آهي —
(هڪ اسپيني شعر)

هدايت منگي

# نقشو

”چاچا! مسجد جو نقشو ليڪرائي آيو آهيان.“

”چڱو ڪيئه پٽ! هيڏي ته ڪر ته ڏسان. پر بيهه ته وضو ساري اچان، ائين مسجت شريف جي نقشي کي هٿ لائڻ به صحي ڪونهي.“

”پر چاچا .... !

”ابا به منٽ ڪل لڳندا وضوء سارڻ ۾، ڪهڙي اچي تڪڙ لڳي ائي؟“

پنجن منٽن کان پوء:

”ابا، هي ته ڏاڍو پلو ڪم ڪيو ائي. واهه جي مسجت شريف ٺهندي. اصل ڪوٽ ۾ گلاب جي گل وانگر لڙي بيهندي .... پر هن نقشي ليڪائڻ تي ڏوڪڙ گهڻا لڳا ائي؟“

”چاچا، ڏوڪڙ وري ڪهڙا لڳندا. پنهنجو هڪ دوست انجنيئر هو، تنهن کان مفت ۾ ٺهرايو اٿم ....“

”ڪهڙو انجنيئر....؟“

”چاچا، هو اشوڪ ڪونهي، ڌرمداس جو پٽ؟“

آ .... خ .... ٿو .......“

مسجد جو نقشو وڏيرې نواب خان جي بوٽ هيٺان چيڀاڙجي رهيو آهي، ؛ وڏيرو نواب خان وراڻي ان تي ٽڪون اڇلائي رهيو آهي. گڏو گڏ هو پاڻهي کي به گاريون ڏئي رهيو آهي.

مير محمد پيرزادو

# ٽوڪن

تمام وڏو بنگلو، جنهن کي چوڌاري سهڻي، چارن ۽ گلڪارن سان پٽ. ماڙيءَ مٿان ماڙي، سامهون چمساليون ۽ سنگ مرمر لڳل. جڳهه جي دروازي تي خاڪي وردي پهريل، اڌڙوٽ عمر جو پٺاڻ، ڳاڙهو ڳنول، ٻن نالن واري بندوق ڇم جي پٺي سان ڪلهي ۾ لٽڪيل ۽ پٺي تي ڪيترائي ڪارتوس چنبڙيل. چوديواريءَ جي ٻاهران موٽر سائيڪلون، جيپون ڪارون، پڪ اپون، ٽيڪسيون ۽ ٻيون ڪيئي گاڏيون بيٺل. مالڪن جي اچ وڃ، سون لاءِ ڪا نئين ڳالهه نه آهن. مان هر مهيني ان جڳهه تان پگهار وٺڻ ايندو آهيان، تنهنڪري اهو سڄو ماحول نه ئي تعجب ڏياريندو آهي نه ڪا خاص ڇڪ ڪندو آهي.

مان ته بس مان لهي، در مان اندر گهڙي ۽ بئنڪ ۾ وڃان ٿو. هٽ ۾ اٽس ۾ چپيل، چپاٽيل ۽ مروٽيل پنا. جن تي منهنجي قسمت جي ليکن جيان اڏيون، ڦڏيون ليڪون نڪتل آهن. ڪي ڪاريءَ مس سان ته ڪي سائيءَ مس سان ۽ ڪي وري ڳاڙهيءَ مس سان. بئنڪ اندر پيهه پيهان لڳي پئي آهي. ڪنهن مان ڪلهو هڻندو، ڪنهن ڪان پاسو ڪندو، ڏاڪڻ جا ٻه ٻه ڏاڪا ٽپندو ۽ مٿينءَ ماڙيءَ تي پهچان ٿو. سامهون لڳل شيشي سان سمورو وايو منڊل ڪنهن اڻ ڏٺي

ڏي، آفيسر چوي ٿو، ”سچي رات ڏسن فلمن جا پہ پہ شو پوءِ ڏينهن جو جتي ڏسون تتي ننڊ جا گهيرٽ“.

ڪلارڪ چوي ٿو، ”سائين ايئن نہ آهي پر نشا بہ اچ ڪلهہ اهڙا نڪري پيا آهن جو آ ماٺ پليا ڪجهہ وڏيڪ لڳي ويو هوندس“.

۽ پوڙهو پٽيوالو چوي ٿو، ”نہ سائينءَ اسان غريبن لاءِ هر مهيني، پگار جو ڏينهن اهڙوئي سوداٽن جو ڏينهن ڏيندو آهي“.

زيب ادبي مرڪز جي پيشڪش

**قاضي خادم**

جو پهريون طبعزاد ناول

# پيار ۽ سپنا

قيمت ٦-٠٠ رپيا

تاج بلوچ

# جاڳ منهنجي زندگي

اي پتنگ،
منهنجي ٽيبل ليمپ تي ڦيرا نه ڏي،
تنهنجي جاڳڻ ۽ جلڻ جي چاڻ ساري ٿو وکان:
پنهنجون محروميون ۽ ناڪاميون لڪائڻ واسطي،
تون سڙي، بس ساڙ پاڙي ٿو سگهين؛
موت — تنهنجي بزدلي.

اي پتنگ،
منهنجي ٽيبل ليمپ تي،
ڪين روزانو، ڦري ڦٽڪي گهڙيءَ ۾ ساهه ڏي؛
نيڻهن منهنجو شيڻهن آهي،
پيار ۾ تون جان ڏين ٿو—
آءٌ ليڪن،
ڪنهنجي کهري ۽ پسيني سان پرپل، زخمي بدن جي ياد ۾
جنهنجون اکيون چڻ ته ڪو ويران کوهه،
جنهنجو چهرو زرد زرد،
پيٽ سان پٿر ٻڌل.
جيڪو چمنيءَ جي دونهين کي—
پاڻ پاري پي سلامت ٿو رکي،
جيڪو سونا سنگ ترڪي مان اپائي، پاڻ فاقا ٿو ڪڍي،
جنهنجي ڏاتي ۽ هٿوڙي تي اڃان،
زنگ ڪو ناهي چڙهيو.
جيڪو ظاهر ۾ گهڻو ڪمزور آهي پوءِ پڻ:
ڏي جي اکين ۾ اکيون وجهي،

ظلم کي ڏارڻ ۽ ٽارڻ واسطي،
پنهنجي هستي کي مڃائڻ واسطي،
جنگ ۾ ناانصافي، ناهمواري خلاف،
رات ڏينهن هلچل ۾ جو آهي وڙل.
امن جو پيغامبر،
منهنجو سو محبوب آهه،
آءُ جنهنجي عشق ۾،
آس ۽ اميد سان ڀرپور سپنا سرخ سرخ،
پنهنجي پلڪن ۾ سجائي،
جاڳي جاڳي، ٿڪي ٿڪي، گيت سندر ٿو لکان-
هنجي صورت ٿو چٽيان،
سور ڏاڍا ٿو سهان،-
(موت جهڙا سخت سور)
پوءِ بہ زنده رهان.

منهنجو جاڳڻ ۽ جلڻ،
منهنجو ڪاٽڻ ۽ ڪجڻ،
تو جيان بيسود ناهہ.
تو جيان بيڪار ناهہ.
موت مونکان ڏور ڏور،
پيار - منهنجي روشني،
جاڳ - منهنجي زندگي.

اي پتنگ،
منهنجي ٽيبل ليمپ تي ڦيرا نہ ڏي،

# آزاد نظم

مان به بکي هان،
تون به بکي آن!
مون وٽ کائڻ لاءِ ڪجهه ناهي،
پنهنجهان به نه پيٽ پلي ٿو،
ڪجهه به مون وٽ ناهه بچيو،

جو،
ٻگهڙن لپ ڪا کاوان ها،
۽ بک جي باهه اجهايان ها!
پر تو وٽ،
قسمين قسمين طعام پچن ٿا،
ويلي ويلي لک لنگهن ٿا.
ان ڪري ئي،
تون به چربي ڏاڍي ٿي آ.
تنهن لاءِ توکي،
بيوس بک ڪيڏي پٽي آ،
مون وانگر ايءَ بک نه آهي!
مان ننگي هان،
تون به ننگي آن!
بکَ وگهي هيٺن ٿڪي ٿڪي،
ڦٽ پاٽ مٿان مان ليڙڙجي،
سارا ڪپڙا چيري ڦاڙي،
الف اگهاڙي ننگي ٿي هان!
بک وگهي بولاٽيون ڏيئي،
ٽپان ڪڏان ٿي،

چڻ تہ انھيءَ ڦٽ پاٽ مٿان،
ناچ ڪيان ٿي!
پر تون وڏ - گهراڻي مومل،
ماڙن محلن جي آڻ راڻي.
ويھي ويھي ٿڪجي ٽڪجي،
رات سنڌيءَ جي ماڻت اندر،
ڪلب سنڌيءَ چوديواريءَ ۾،
ڳگريل گهريل ڪوٺيءَ ۾،
پنھنجي وقتي پريتم سان،
الف اگهاڙي ٻنگي ٻنجي،
خوب نشو پي جهومين ٿي!
نچين ڪڏين ٿي،
ناچ نچين ٿي،
پر ھي ناچ نہ مون جيان آھي!

ذوالفقار گهلو

## ANGRY YOUNG MEN

هوائن جي گهوڙن جي واڳن کي ڇيري
خيالن جي ڇهڪ جو سڪو لڳائي
وڏي واڪ ڳائي
حياتي جي راهن تي بي چين ٽولا
ڪي رو ڳي
وڳوڙي گهمن ٿا
اندر ۾ هزارين ڪٿي
ذلتون
تهمتون

نفرتون
لعنتون
وحشتون
ڪاريون جون
ڪاريون لڙهه
اڄ پراڻي نسل جي ادارن اصولن تي
گهڙين جي ڪوئلي سان ڪاهي

X

وسهن ۽ ويڙهن جي ڏاوڻ کي ٽوڙي
ماضيءَ جي رشتن کي ٽوڙي ۽ ويڙهي
ڏئي ڀاهه احساس جي هٿ ڪلن تا
پراڻي ثقافت جي ڪنڊرن تي ويهي
روايت جي مردار لاشي کي چيري
فضا کان نحوست هٽائي
جڙتو اخلاق جو تاج ڍاهي
جبلت جون ساريون
تقاضائون پوريون ٿا چاهن
ذهن کي ولوڙي
گهٽيل روح کي
الڪ جي ڏنڏ سان ڪڍي
نئون سرشتو زندگي جو بڻائڻ ٿا چاهن
جتي ڪوبه لاچار
بيمار ناهي
جتي فرد آزاد
مرضيءَ جو مختيار

# پورهيت پنهنجو پاڻ سڃاڻ

پورهيت پنهنجو پاڻ سڃاڻ ڪيسين رهندين ٿي اڻ ڄاڻ
هاري پنهنجو پاڻ سڃاڻ ڪيسين رهندين ٿي اڻ ڄاڻ

ڪنهن ڌرتي جو سينو ڏاري؟ ٻج ڇٽي ۽ پاڻي واري،
رت ولوڙي ساوڻ سياري پوک پچائي ڪنهنجي ڪاڻ؟

جبلن سان ڪنهن جنگيون جوٽيون ٽڪر ٽوڙيا ڪاٽيون کوٽيون؟
روهن ۾ ڪنهن رت وهايو؟ مايا ڪير ڪٽي ويو ساڻ؟!!

درياهن جا منهن ڪنهن موڙيا؟ ٻند ٻڌا بجلي گهر جوڙيا!!
ٻر ٿر ۾ ڪنهن خيما کوڙيا ڪنهن جي گهر ۾ ٿي چانڊاڻ!!؟

ڪَل جو ڦيٿو ڪنهن ڦيرايو؟ ڌوڙ مان ڪنهن ڌن ٺاهيو؟
ڪنهن جي محنت ٻٽي منافعو؟ ڪنهن جي کاٽي ويٺي چاڪاڻ؟

پنهنجي پرَ ۾ پرديت پچاري-ايرا سيرا سڀ ساڪاري
ايڪو آڻي ويڙ وساري- ظلم آڏو سينو تاڻ-

چور مڙيا هن ٻڌجي پاڳيا- ڪئي ترارين ڪير به ماڳيا-
پير وڏيرا مير به ساڳيا ڪرڻ هليا هن هڪ هيڪاڻ.

تون هر دور جو باني آهين تاريخن جا ورق اجارين،
وقت به تنهنجي وات نهاري- تون ئي ساهت جو سرواڻ.

جڳ ۾ يار اڪيلو ناهين- ڇا ڪان پيو ايڏو ڪترائين،
ڪري سگهين ٿو جيڪو چاهين - ساري دنيا آ تو ساڻ.

مظلومن کي گهولي ووڙي - پر مارن جا ڪنڌ مروڙي-
ظلم جون سڀ زنجيرون ٽوڙي ڏاڍ کي ڏيهه مان ڌور آماڻ

استاد ٻخاري

## ٻڪ جو ٻڪ

ڪيلي جي هڪ ڦار،
آئي وٺي ٻاگا چار.
ٻڙچائن پيا ٻَڌ
هڪڙي ماءُ ٽي پار.

هُنئہ هُنئہ هيءَ ٻيڪين
ڪوجهي آهي ڪين
ويٺي آکڙين سان هٿي
رانپوتا ونگين

ٻيرا هنجا پار
کپڙا، ٻاڌون، وار
ڪنگهندي ڪنگهندي ٻئي ڪري
هر ڪنهن کي ڪيڪار

هن جو پوڙهو ور
چڙهن ٻرٽائون ٻر
هنجو ٻڪٽو ساهه
لوگها لوگها گهر

ڪاٽڌ ڪراڙو، ڪڪٽ
اٿ هوندائي جو ٻڪٽ
ويچاري ناري سچي
تي وٺي ٻڪٽ جو ٻڪٽ

راهي چنا — آزاد نظم

## باغي چهرا

جنهن بستيءَ ۾،
جنهن ڌرتي تي،
جڏهن به ڪو ظلم ٿيو آ،
ڪنهن بيوس جي لڄ لٽي آ،
ڌاڙين ڦوڙ ڪيو آ،
۽ حقن تي ڌاڙو لڳو آ،
انهيءَ بستيءَ لئي،
انهيءَ ڌرتي لئي،
وڏي واڪي.
ٻڌو ۽ ٻڌائي ڇڏيو،
”آتان جون مائرون،“
پٽ به باغي ڄڻينديون آهن،
”باغي چهرا“
باغي ذهن،
باغي سوچون.

انور پيرزادو

# تون چوين ٿي تہ توسان پيار ڪريان.

نفرتون هر طرف ڏنڊ ڪرين ٿيون
سڀ زبانون ڪيون چريون ٿيون لڳن.
وات ڪناتن جان وڏڻ ويٺا هن
اکيون آلرون ڪيون ٿيون رانڀوٽن.
ساز جن پيار جا ٿي گيت ڇيا،
جنگ جونٺ جون ويٺا رنڀون ڪن.
تون چوين ٿي تہ تو سان پيار ڪريان،
ڇا ڪيان، سور ڏاڍو ڏونڌاڙين —
پيار مونکان تہ ٿي نہ سگهندو پر
نفرتون ٻي تہ مون ڪان ڪين ٿين —
تون چوين ٿي تہ توسان پيار ڪريان،
پل تہ ماڻهو ٻڌن : نفرت ڪن —

## نرنجن

چانڊوڪيءَ ۾ ڪوئي پاڇو
هوري هوري وڌي رهيو آ
شايد ڪوئي اچي رهيو آ
چڙهي رهيو آ
نظر اچي ٿو
پري پري ڪجهه ڦري رهيو آ
ذهن جي ماٺي ساگر ۾ ڪو
سوچن جو چنڊ تري رهيو آ
اڇو هو سامهون ٻيٺو آهي
سڀ ڇون سڏ پنڌ تي آهي
هاڻ سچائيءَ ۾ به اچي ٿو
ها ها هو ته سچاتل آهي
ڪيڏو نه حسين
ڪيڏو نه جوان
ڪيڏو جيءُ جياپو هن ۾
سان پيي سيني ماڻهن سان گڏ
ڪڙمين هارين نارين سان گڏ
ويٺو هن جي واٽ سنواريان
چانڊوڪيءَ جي چادر ويڙهي
رت سان نمدڙ ويڙ لڪائي
قدم قدم تي مرڪ پکيڙي
اچي رهيو آ
هن جي ۽ منهنجي وچ ۾
فاشي ڪتا ڀونڪي ڀونڪي
اسان ٻنهي کي
پري ڪرڻ لاءِ آتا آهن

پڙ
وڏندڙ پير
وڏي وهيا هن
وقت جا ويچا مٿي وهيا هن
هائي
اهو سمو ٻه پري ناهي
جڏهن
اسان ٻئي ملي ويندا سين.
پيار جو منڙو ڳيت الاپي
ديس پنهنجي کي ڏوئيندا سين
ڳاڙهن گلن جي وڪا ۾
سک جو سج اڀاريندا سين

نرالقار سيال

## غيرت

ڏهن سالن کان،
”رن“ وڏيرو —
پنهنجي گهر ۾،
ويهاريون اچي ڏو،
چيس کنهن تي، سائين!
شادي ڪري چڏ.
وڏيرو ٻڌي لفظ،
غيرت ۾ آيو —
زور دار هڪڙي، چماٽ وهائيندي،
چيائينس —
ڪيرين سان،
شادي ڪبي آ!؟.

# ڌرتي ڌان گهري ٿي

ڏور متي ڏور
آسمانن تي پهچڻ کان اڳ
ڌرتي جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين
سمونڊ جي لهرن کان پهاڙن تائين
هوائن کان خلائن تائين
ڏکڻ کان اوپر لتاري
اولهه اتر پار ڪري
سڀني مظلوم ملڪن ۽ قومن تائين.
اي منهنجا گيت!
توکي
هي پيغام کڻي وڃڻو آهي
هن ساري دکي ڌرتي کي
پيغام، محبت جي ضرورت آهي
جا ڌرتي رت سان رڱي ويئي آهي
(جنهن تي آڪاش پي وڌو آهي)
انهي رت کي اگهڻ لاءِ
دو دڙ توکي وڃڻو آهي
هر پيڙا کي سهڻو آهي
(دک کي ماري ڪڍڻو آهي)
آسمانن تي پهچڻ کان اڳ
تنهنجي توکي کي ضرورت آهي!
جنهن جي سيني مان قتي نڪتو آهن
جنهن زرخيز زمين جو ذرو آهين.

عزيز مهراڻوي

# نئين جڳ جو نئون انسان

آئون
نيل ڪنٺ شيو ناهيان
جو سڄي جهان
جو زهر پي
پنهنجي نڙي نيري ڪيان
نه ئي
سقراط آهيان
جو وهه جو ڏڪ ڀري
پنهنجو انت آڻيان
نه ئي وري
ڪبير ڪوري آهيان
جو هٿ پير ٻڌي
گنگا وهايو وڃان.
يا
ڪاشيءَ هڪاليو وڃان.
آءُ ته
نئين جڳ جو نئون انسان آهيان
پوءِ الائي ته ڇو
روز ڏينهن نيڪالي ڏسان ٿو
وهه جو ڏڪ ڀريان ٿو
۽ پنهنجو انت پاڻ ڪريان ٿو.

جام ساقي

## گھوريان

ديس دلارا،
پورهيت پيارا،
تو مٽان چا گھوريان
هيءَ پره وارن جي بستيءَ آ
هت جان جي ڪهڙي هستي آ
مون سوچي سمجهي خوب ڏٺو
هي چيز ته ڏاڍي سستي آ
هي جان!
ڪو جان ڏئي ڏو گار مٽان
ڪو يار مٽان
ڪو دوست مٿي دلدار مٽان
ڪو مائٽ مٿي سنگار مٽان
ڪو هار مٽان سينگار مٽان
ڪو چيرين جي چمڪار مٽان
ڪو گھوري ڏو گھر پار مٽان
تڏهن پيارا، جيءَ جيارا
تو مٽان چا گھوريان
پر منهنجا پيارا
ديس دلارا
مونوٽ انڪان وڌڪو ناهي صدقو
تنهنڪري
مٺا سائين
جئين سدائين
دلبر جاني
هي قرباني
ڪر قبول.

شرجيل

## اداڪار

تمثيل
گدلين گهٽين
۾ ڪلراٺي
ميدانن تي
اُني ڏڪر
۾ ونجهه وٽي
ڪيڏندي گذري، ڏو-
جوڀن ۾ جوانيءَ جا
ڏينهن ۾ سال
بڪ ۾ اڄ جي
محاذ تي
وڙهندي
جهرندي
گذرن ٿا-
پوءِ!
پوڙها ۾ ڪر ڪٺا ڏيل جسم
چنل، ڪٽ ٿي ڪري
ڪنگهن ٿا-
ڪنجهن ٿا-
ڪرڙيون هڻن ٿا-
هن ڌرتيءَ جي
هدايت ڪار ڪي
موت جو
دل ڏاريندڙ
ڊراپ سين
ڏين ٿا-

نوجوان پڙهندڙن لاءِ سٺا ڪتاب ڇاپيندڙ وڪڻندڙ ادارو

## قومي ڪتاب گهر فوجداري روڊ حيدرآباد

جتان اوهان هيٺيان ڪتاب ضرور خريد ڪري پڙهندا:

* قوم ۽ قوميت - جوزف اسٽالن.
* ترقي جو غيرسرمائيدارانه رستو.
* مارڪسي فلسفو - جوزف اسٽالن.
* انقلاب جي سائنس - آصف قريشي.
* گوريلا جنگ - چي گويرا.
* سوشلزم - حال ۽ آئيندو - موم جان.
* سوشلزم ڇا آهي - رشيداحمد.
* قومن جو حق خودمختياري - لينن.
* نوجوانن ڏانهن - ڪروپاٽڪن.
* مولانا مودودي جا تصورات - فيروزالدين منصور.
* سياسي تعليم.
* هوچي منهه - چونڊ لکڻيون.
* قومي سوال جو تنقيدي جائزو- لينن
* ڀاڙي وارن جي نالي - لينن.
* سسي نيزي پاند - ڏيپلائي.
* انسان جي تاريخ - ڏيپلائي.

نوجوان پڙهندڙن لاءِ سٺا ڪتاب ڇاپيندڙ ۽ وڪڻندڙ ادارو

# قومي ڪتاب گهر فوجداري روڊ حيدرآباد

جتان اوهان هيٺيان ڪتاب ضرور خريد ڪري پڙهندا:

* قوم ۽ قوميت - جوزف اسٽالن.
* ترقي جو غيرسرمائيدارانه رستو.
* مارڪسي فلسفو - جوزف اسٽالن.
* انقلاب جي سائنس - آصف قريشي.
* گوريلا جنگ - چي گويرا.
* سوشلزم - حال ۽ آئيندو - موم جان.
* سوشلزم ڇا آهي - رشيد احمد.
* قومن جو حق خودمختياري - لينن.
* نوجوانن ڏانهن - ڪروپاٽڪن.
* مولانا مودودي جا تصورات - فيروزالدين منصور.
* سياسي تعليم.
* هوچي منهه - چونڊ لکڻيون.
* قومي سوال جو تنقيدي جائزو - لينن
* ڀهراڙي وارن جي نالي - لينن.
* مسي نيزي پاند - ڏيپلائي.
* انسان جي تاريخ - ڏيپلائي.

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن ڪي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ
ڪان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽
ڇاپيندڙن ڪي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ
ڪي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ ڪي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ ڪي گيتَ، بيتَ، سِٽَ،
پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني ڪي بَمن، گولين ۽ بارودَ
جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ
”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ
وڃايو“ ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها ٽوڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ The Reading Generation